هفتيوار رسالو

امير اهل سنت جو تقريباً 37 سال پراڻو بيان

# عجيب آزمائش

- صبر پهرين صدمي تي هوندو آهي
- حصولِ مال جي لاءِ دين داءُ تي
- انسان جا ٽي مال
- پٽ کي نرميءَ سان سمجهائڻ تي پڪڙ


شيخ طريقت، امير اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامہ مولانا ابو بلال

**محمد الياس عطار قادري رضوي** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ
اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفڪر بيروت)

طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت



**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: عجيب آزمائش
ڇاپو پهريون: شوال 1447هہ، اپريل 2026ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

بـاني دعوت اسـلامي، حضـرت عـلامہ و مولانـا محـمـد الياس عطـار قـادري

# عجيب آزمائش

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميہ** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**


**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## عجيب آزمائش


دعاءِ عطار ........ 1
دُرُود شريف جي فضيلت ........ 1
عجيب آزمائش ........ 2
شڪرگذار ٻانها گھٽ آھن ........ 7
صبر ڀرين صدمي تي ھوندو آھي ........ 8
صبر جي فضيلت ........ 9
صابرين ۽ شاڪرين تمام گھٽ آھن ........ 9
بزرگانِ دين مصيبت لڪائيندا ھئا ........ 10
انسان وڏو ناشڪرو آھي ........ 10
پنھنجي ناشڪري ھجڻ تي پاڻ گواھ ........ 13
مال جي محبت ۾ سخت ........ 13
حصولِ مال لاءِ دين داءُ تي ........ 15
انسان جا ٽي مال ........ 17
پٽ کي نرمي سان سمجھائڻ تي پڪڙ ........ 20

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# عجيب آزمائش [1]

## دعاءِ عطار

اي ربِ ڪريم! جيڪو بہ هي رسالو ”عجيب آزمائش“ پڙهي يا ٻڌي وٺي، ان کي احسان فراموشي ۽ ناشڪريءَ کان محفوظ فرماءِ ۽ ڪيس ماءُ پيءُ ۽ خاندان سميت بي حساب بخشي ڇڏ.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: اَوْلَی النَّاسِ بِیْ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ اَکْثَرُھُمْ عَلَیَّ صَلَاۃً. يعني قيامت جي ڏينهن ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ منهنجي ويجهو اهو شخص هوندو، جيڪو سڀ کان وڌيڪ مون تي درود شريف پڙهندو هوندو. (ترمذي، ص 144، حديث: 484)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

---

1 هي بيان شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت، دعوتِ اسلامي جي باني، حضرتِ علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ 15 ذوالقعدة الحرام 1408هہ مطابق 30 جون 1988ع تي دعوتِ اسلامي جي پهرين مدني مرڪز، جامع مسجد گلزارِ حبيب ڪراچي ۾ عاشقانِ رسول جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ فرمايو هو، جنهن کي المدينۃ العلميہ جي شعبي ”بياناتِ اميرِ اهلِ سنت“ ترتيب ڏنو آهي.

مفتي احمد يار خان رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: قيامت ۾ سڀ کان وڏيڪ آرام ۾ اهو هوندو، جيڪو حضور (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) جي ويجهو هجي، ۽ حضور جي همراهي نصيب ٿيڻ جو ذريعو درود شريف جي ڪثرت آهي. ان مان معلوم ٿيو ته درود شريف بهترين نيڪي آهي، ڇو ته ٻين تمام نيڪين سان جنت ملندي آهي پر هن نيڪيءَ سان جنت جي محفل جا گهوٽ (صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم) ملندا آهن. (مرآۃ المناجیح، 100/2)

حشر میں کیا کیا مزے وارفتگی کے لُوں رَضا　　لوٹ جاؤں پاکے وہ دامانِ عالی ہاتھ میں

(حدائقِ بخشش، ص104)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## عجيب آزمائش

حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: الله پاڪ بني اسرائيل جي ٽن ماڻهن کي آزمايو، جن مان هڪ ڪوڙهي هو (جنهن کي جذامي به چوندا آهن)، ٻيو گنجو ۽ ٽيون انڌو.

جيئن ته الله پاڪ هڪ فرشتو انساني شڪل ۾ انهن ٽنهي ڏانهن موڪليو. اهو فرشتو پهريان ڪوڙهي وٽ آيو ۽ ڪانئس پڇيائين: توکي سڀ کان وڌيڪ ڪهڙي شيءِ پسند آهي؟ هن چيو: مون کي خوبصورت ۽ دلڪش رنگ ۽ جسم جي بهترين کل گهرجي، ڇو ته هِن جذام (ڪوڙهه) جي ڪري ماڻهو مون کان نفرت ڪندا آهن. فرشتي ان ڪوڙهي جي بدن تي هٿ ڦيريو ته ان جي بيماري هڪدم

ختم ٿي وئي ۽ کيس نهايت دلڪش ۽ سهڻي کل عطا ڪئي وئي. پوءِ فرشتي وڏيڪ سوال ڪيو: تو کي ڪهڙي قسم جو مال وڏيڪ پسند آهي؟ هن اٺ يا ڳئون جو چيو.1 کيس ڏهن مهينن جي هڪ ڏُڪي ڏاچي ڏني وئي ۽ فرشتي کيس دعا ڏني تہ الله پاڪ توکي هن ۾ برڪت عطا فرمائي.

ان کان پوءِ فرشتو گنجي وٽ آيو ۽ کانئس پڇيائين: توکي ڪهڙي شيءِ سڀ کان وڏيڪ پسند آهي؟ هن چيو: خوبصورت وار مون کي سڀ کان وڏيڪ پسند آهن ۽ هي گنج مون تان ختم ٿي وڃي جنهن جي ڪري ماڻهو مون کان نفرت ڪندا آهن. فرشتي ان جي مٿي تي هٿ ڦيريو تہ سندس نوڙهہ فوراً ختم ٿي وئي ۽ کيس خوبصورت وار عطا ڪيا ويا. پوءِ فرشتي پڇيو: توکي ڪهڙي قسم جو مال وڏيڪ پسند آهي؟ هن چيو: ڳئون. ان وقت کيس هڪ ڏُڪي ڳئون ڏني وئي ۽ فرشتي چيو: الله پاڪ توکي هن ۾ برڪت عطا فرمائي.

پوءِ اهو فرشتو انساني صورت ۾ انڌي وٽ پهتو ۽ پڇيائين تہ: توکي ڪهڙي شيءِ سڀ کان وڏيڪ پسند آهي؟ هن چيو: الله پاڪ مون کي اکيون عطا فرمائي تہ جيئن مان ماڻهن کي ڏسي سگهان. فرشتي ان جي چهري تي هٿ ڦيريو تہ الله پاڪ فوراً کيس اکيون عطا ڪري ڇڏيون. پوءِ فرشتي پڇيو: توهان کي ڪهڙي قسم جو مال پسند آهي؟ هن چيو: ٻڪري. کيس هڪ ڏُڪي ٻڪري ڏني وئي ۽ فرشتي ان کي بہ برڪت جي دعا ڏني ۽ هليو ويو.

---

1... راوي جو شڪ آهي، پر ڪوڙهہ واري ۽ گنجي مان هڪ اُٺ چيو، ٻئي ڳئون.

ڪوڙهي، گنجي ۽ انڌي، انهن ٽنهي وٽ اٺن، ڳئون ۽ ٻڪرين جا گهڻا ٻچا ٿيا ۽ نسل وڌيا، ٽئي مالدار ٿي ويا. جذامي (ڪوڙهي) وٽ اٺن سان وادي ڀرجي وئي، گنجي وٽ ڏڳين سان وادي ڀرجي وئي ۽ انڌي وٽ ٻڪرين سان وادي ڀرجي وئي.

هاڻي اهو ئي فرشتو ڪوڙهي واري شڪل اختيار ڪري امتحان جي طور تي ان شخص وٽ آيو جيڪو ڪوڙهه مان صحتياب ٿيو هو، ۽ چيائينس: مان هڪ مسڪين مسافر آهيان، منهنجي سفر جاري رکڻ جا وسيلا ختم ٿي ويا آهن، اڄ منزل تي پهچڻ جي ڪا صورت نظر نٿي اچي سواءِ الله جي مدد جي ۽ پوءِ تنهنجي مدد جي، مان توکان ان جي نالي تي جنهن توکي دلڪش رنگ روپ، حسين و جميل چمڙي ۽ گهڻو مال عطا ڪيو آهي، هڪ اٺ جو سوال ڪريان ٿو ته جيئن مان پنهنجو سفر جاري رکي سگهان. هو چوڻ لڳو: منهنجي ذمي ته تمام گهڻا حق آهن. ان تي فرشتي چيو: مان توکي سڃاڻان ٿو، ڇا تون اهو ئي ڪوڙهي نه آهين جنهن کي ماڻهو حقير سمجهندا هئا ۽ نفرت سان ڏسندا هئا؟ ۽ تون رپئي رپئي جو محتاج نه هئين؟ پوءِ الله پاڪ توکي هي حسن و جمال ۽ مال عطا ڪيو. ڪوڙهيءَ چيو: اهڙي ڳالهه ناهي، مان ته ابن ڏاڏن کان ئي اهڙو آهيان. هي ٻڌي فرشتي چيو: جيڪڏهن تون ڪوڙ پيو ڳالهائين ته الله پاڪ توکي وري اهڙو ئي بڻائي ڇڏي جهڙو تون پهريان هئين.

ان کان پوءِ فرشتو گنجي وٽ ان جي شڪل ۾ گنج سان پهتو ۽ ان سان به اهڙو ئي سوال ڪيو جهڙو ڪوڙهي سان ڪيو هو. هن

گنجي بہ اهڙو ئي جواب ڏنو جهڙو جواب ڪوڙهي ڏنو هو. ان تي فرشتي اها ئي ڳالهہ ڪئي جيڪا ڪوڙهي کي چئي هئي، يعني جيڪڏهن تون ڪوڙ پيو ڳالهائين تہ الله پاڪ توکي وري اهڙو ئي بڻائي ڇڏي جهڙو تون پهريان هئين.

پوءِ فرشتو انڌي وٽ انڌي جي شڪل ۾ ويو ۽ چوڻ لڳو: مان انڌو محتاج مسافر آهيان، منهنجي سفر جاري رکڻ جا وسيلا ختم ٿي ويا آهن، اڄ منزل تي پهچڻ جي ڪا صورت نظر نٿي اچي سواءِ الله جي مدد جي ۽ پوءِ تنهنجي مدد جي، مان ان الله پاڪ جي وسيلي سان جنهن توکي بينائي واپس ڪئي، توکان هڪ ٻڪريءَ جو سوال ڪريان ٿو جنهن جي ذريعي مان پنهنجي منزلِ مقصود تائين پهچي سگهان. انڌي جواب ڏنو: بيشڪ مان نابينا هئس، الله پاڪ پنهنجي فضل و ڪرم سان مون کي بينائي عطا فرمائي، تنهنڪري تون جيتريون ٻڪريون چاهين ڪٽي وڃ ۽ جيتريون چاهين ڇڏي ڏي. خدا جو قسم! تون الله جي نالي تي جيڪو ڪجهہ ڪٽندين مان ان تي ڪنهن بہ ناگواري جو اظهار نہ ڪندس. فرشتي چيو: تون پنهنجو مال پنهنجي قبضي ۾ رک، ڳالهہ هي آهي تہ الله پاڪ جي طرفان توهان ٽنهي جو امتحان ورتو ويو هو، الله پاڪ توکان خوش ٿيو ۽ تنهنجي ٻنهي ساٿين ڪوڙهي ۽ گنجي کان ناراض ٿي ويو. (بخاري، 463/2، حديث: 3464 ملتقطاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هن حديث مبارڪ مان خبر پئي تہ احسان فراموشي ۽ ناشڪري تمام وڏو جرم آهي ۽ جيڪو احسان فراموشي ۽ ناشڪري ڪندو آهي اهو دنيا ۾ بہ ذليل و خوار ٿيندو آهي ۽ محشر

۾ بہ ذلت و رسوائي سندس مقدر بڻجندي آهي. ٿورو غور ڪريو! گنجو ۽ ڪوڙهي جيڪي پهريان تمام گهڻي تڪليف ۾ هئا، جڏهن انهن کي راحت ملي تہ هو الله پاڪ کي وساري ويٺا، الله جي راهہ ۾ مال ڏيڻ کان انڪار ڪيائون ۽ ڪوڙ جو بہ سهارو ورتائون، نتيجي ۾ ذليل و خوار ٿي رهجي ويا. اڄڪلهہ بہ بدقسمتي سان جيڪڏهن ڪو نيڪ ڪم لاءِ سوال ڪري تہ ماڻهو طرح طرح جا ڪوڙ ڳالهائيندا آهن، مثال طور: مون وٽ گنجائش ناهي، مون سان فلاڻا فلاڻا مسئلا آهن، ائين ڪيترائي ڪوڙ ڳالهائي ٽال مٽول کان ڪم وٺندا آهن، هي چو نٿا سوچين تہ جڏهن الله پاڪ مون کي مال ڏنو آهي تہ ان جي راهہ ۾ پنهنجو مال خرچ ڪري ڪوڙ سارو ثواب ڪمايون. ها! جيڪڏهن ڏيڻ وارو سوال ڪرڻ واري کان مطمئن نہ هجي ۽ سمجهي تہ هو فراڊ ڪندو يا ان جي رقم صحيح جڳهہ تي خرچ نہ ٿيندي تہ پوءِ توڙي جو ان کي نہ ڏي، پر ان حالت ۾ بہ ڪوڙ جو سهارو وٺڻ جرم هوندو، تنهنڪري جيڪڏهن نٿو ڏيڻ چاهي تہ ڪوڙ ڳالهائڻ کانسواءِ منع ڪري ڇڏي. بهرحال اڄ اسان جي معاشري ۾ ناشڪري جي فضا قائم آهي. ناشڪري عام ڇو نہ هجي جو جڏهن شيطان لَعين کي بارگاهِ الٰهي مان ڌڪاريو ويو تہ هن الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪيو هو: ”مان تنهنجي ٻانهن کي اڳيان پويان ۽ ساڄي کاٻي کان ڀٽڪائيندس ۽ تون انهن مان اڪثر کي شڪرگذار نہ ڏسندين.“ جيئن تہ الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ شيطان جي هن قول جي خبر ڏيندي ارشاد فرمائي ٿو:

ثُمَّ لَاٰتِيَنَّهُمْ مِّنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ وَ مِنْ خَلْفِهِمْ وَ عَنْ اَيْمَانِهِمْ وَ عَنْ شَمَآئِلِهِمْ ؕ

وَلَا تَجِدُ اَكْثَرَهُمْ شٰكِرِيْنَ ﴿۱۷﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ ضرور مان انهن جي اڳيان ۽ انهن جي پٺيان ۽ انهن جي ساڄي ۽ انهن جي کاٻي کان انهن وٽ ايندُس ۽ تون انهن مان گهڻن کي شڪر گذار نہ لهندين. (سيپارو: 8، الاعراف: 17)

## شڪرگذار ٻانها گهٽ آهن

اهڙي طرح الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ارشاد فرمايو: منهنجا ٿورا ئي ٻانها شڪرگذار هوندا، جيئن تہ سيپارو 22 سورت سَبا جي آيت نمبر 13 ۾ ارشادِ ربُّ العالمين آهي:

وَ قَلِيْلٌ مِّنْ عِبَادِيَ الشَّكُوْرُ ﴿۱۳﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ منهنجي ٻانهن ۾ شڪر وارا گهٽ آهن.

اي عاشقانِ رسول! واقعي حقيقي معنيٰ ۾ شڪر ۽ صبر ڪرڻ وارا ٻانها تمام گهٽ آهن. البت زباني جمع خرچ تمام گهڻو آهي، ان ڪي ائين سمجهو تہ جنهن طرح اسان وٽ گهڻا ماڻهو ٻين جي سامهون پنهنجي مصيبتن ۽ تڪليفن جو **روئڻ روئيندا** آهن ۽ طرح طرح جا ڏک ٻڌائيندا آهن مثال طور: ”صاحب! قرض تمام گهڻو چڙهي ويو آهي يا فلاڻي بيماري آهي ۽ ڊاڪٽر آپريشن جو چئي رهيو آهي وغيره وغيره“ پوءِ جڏهن اهڙن کي تسلي ڏني ويندي آهي ۽ صبر ڪرڻ جو چيو ويندو آهي تہ جواب ملندو آهي: مان تہ صبر ئي ڪري رهيو آهيان. هاڻي جيڪڏهن کو پنهنجي اندر جي باهہ ڪڍڻ کان پوءِ چوي تہ ”مان

صبر ئي ڪري رهيو آهيان“ تہ ان کي صبر چوڻ درست نہ هوندو. ائين ئي جڏهن ڪنهن جو ڪيسو ڪٽجي ويندو آهي تہ هو بلاضرورت ماڻهن کي ٻڌائيندو آهي ۽ ڪيسي ڪٽيندڙ کي خوب گاريون ڏيندو آهي ۽ پوءِ چوندو آهي تہ ”مان صبر ڪري رهيو آهيان“ تہ هي صبر ناهي پر حماقت آهي ۽ ان کي صبر سمجهڻ سندس خوش فهمي آهي .

## صبر پهرين صدمي تي هوندو آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حديث پاڪ ۾ آهي: صبر پهرين صدمي تي هوندو آهي. (بخاري، 441/1، حديث: 1302) بعد ۾ تہ صبر اچي ئي ويندو آهي. ڏسو! جڏهن ڪنهن وٽ فوتگي ٿيندي آهي تہ گهر وارا زارو قِطار روئيندا آهن، پر معاذَ الله ڪجهہ ماڻهو دانهون ڪوڪون ڪندي هٿ پير هڻندا آهن، وارَ پٽيندا آهن ۽ ڪپڙا ڦاڙيندا آهن، اهي سڀ حرام آهن. (فتاوىٰ هنديه، 167/1 مفهوماً) پوءِ وقت گذرڻ سان ڳڏوڳڏ آهستي آهستي نارمل ٿي ويندا آهن.

اسان وٽ گجراتي ۾ پهاڪو آهي: ”دُکُ نُو اوسڙ ڏاڙا“ يعني غم جي دوا ڏينهن آهن، يعني جيئن جيئن ڏينهن گذرندا ويندا آهن غم گهٽبو ويندو آهي ۽ زخم ڀرجي ويندو آهي.

ائين ئي آواز سان روئڻ منع آهي، البت آواز بلند نہ هجي تہ روئڻ جي ممانعت ناهي. (الجوهرة النيره، ص 139) ياد رکو! صبر جو ثواب تڏهن ئي ملندو جڏهن ٻانهو اول صدمي تي صبر ڪري ۽ ڪو بي صبري وارو جملو زبان مان نہ ڪڍي، تنهنڪري ميت جي غم وغيره جي موقعي تي ماڻهو پنهنجو پاڻ تي قابو رکي ۽ بي صبري جو مظاهرو هرگز نہ

ڪري، تڏهن ئي تہ صبر آهي، ٻي صورت ۾ ڏينهن گذرڻ سان تہ صبر اچي ئي ويندو آهي. حقيقي صبر هي آهي تہ واقعي توهان جي طبيعت خراب هجي ۽ ڪو پڇي تہ توهان چئو: الله پاڪ جو شڪر آهي. انهن لفظن سان گڏوگڏ دل جي ڪيفيت بہ اها ئي هجي ۽ ڪو بي صبري وارو جملو زبان مان ادا نہ ٿئي.

## صبر جي فضيلت

اي عاشقانِ رسول! صبر تمام وڏي اجر و ثواب جو باعث آهي. قيامت جي ڏينهن صبر ڪرڻ وارن کي گڏ ڪيو ويندو تہ هڪ تمام وڏو گروهہ گڏ ٿي ويندو ۽ پوءِ الله پاڪ انهن کي بنا حساب ڪتاب جي جنت ۾ داخل فرمائيندو. (الزهد لابن مبارک، ص 226، حديث: 643 ملتقطاً)

## صابرين ۽ شاڪرين تمام گهٽ آهن

افسوس! اڄڪلهہ صابرين ۽ شاڪرين (صبر ۽ شڪر وارا) ڪٿي آهن؟ هوندا تہ مزارن ۾ هوندا. هاڻي صورتحال هي آهي تہ ٿورو ڪنڊو لڳي يا مٿي ۾ سور پوي تہ ماٺهو آسمان مٿي تي کڻي وٺندا آهن. اسان جي بزرگن جو طرزِ عمل اهڙو نہ هو، اهي پاڻ بہ مصيبتن تي صبر ڪندا هئا ۽ ٻين کي بہ ان جي تلقين ڪندا هئا. ان سلسلي ۾ الله پاڪ جي نيڪ ٻانهي حضرت سيدتنا رابعہ بصري رَحْمَةُاللهِعَلَيْها سان پيش ايندڙ هڪ واقعو ٻڌو ۽ پنهنجي لاءِ صبر و شڪر جو خزانو گڏ ڪريو. جيئن تہ هڪ ڀيرو حضرت رابعہ بصري رَحْمَةُاللهِعَلَيْها هڪ شخص کي مٿي تي پٽي ٻڌل ڏسي ان جو سبب پڇيو تہ هن عرض ڪيو: مٿي ۾ تمام گهڻو سور آهي ان ڪري پٽي ٻڌي اٿم. پاڻ فرمايائون: توهان صحتمندي جي شڪراڻي جي پٽي ڪڏهن بہ نہ ٻڌي ۽ هڪ

ڏينهن مٿي ۾ سور چا ٿيو توهان شڪايت جي پٽي ٻڌي ورتي آهي.
(تذكرة الاولياء، 72/1 ملخصاً)

## بزرگانِ دين مصيبت لڪائيندا هئا

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! بزرگن جو طريقو هو ته جيڪڏهن ڪين ڪا تڪليف پهچندي هئي ته بنا ضرورت ان ڪي ظاهر نه ڪندا هئا، ايستائين جو ڪجهه بزرگن جي حالات ۾ هي به لکيل آهي ته جڏهن اهي بيمار ٿيندا هئا ته ڪنهن کي پاڻ وٽ ملاقات لاءِ نه گهرائيندا هئا ته جيئن ماڻهن کي سندن بيمار هجڻ جي خبر نه پوي. (احياء العلوم، 362/4 ماخوذاً)

## انسان وڏو ناشڪرو آهي

بهرحال هي تصوف جو نڪتو هو جيڪو عرض ڪيو، تصوف دين کان هٽي ڪري ناهي، جيڪا ڳالهه دين کان هٽي ڪري هجي اها نيڪ ناهي. جاهل چوندا آهن: اسين ته فقير آهيون، شريعت ٻي آهي ۽ طريقت ٻي. هيءَ بيوقوفي ٿي سگهي ٿي، اهڙي ڪا طريقت ناهي جيڪا شريعت کان جدا هجي، انهن کي الڳ الڳ نٿو چئي سگهجي، جيڪو ائين چوي اهو فرادي آهي. جنهن کي ڏسو اهو ائين چوي ٿو: جي، فقير هيئن ڪيو، فقير هيئن چيو، لکيو وغيره حالانڪ فقير هجڻ تمام وڏي ڳالهه آهي، اسان ۽ توهان جهڙا فقير ته گهٽي گهٽي ۾ گهمندا آهن، حقيقي فقير جي تعريف تمام بلند آهي. فقير ۾ 4 اکر آهن: ف، ق، ي، ۽ ر. انهن ۾ ”ف“ مان مراد فاقو يعني بکيو رهڻ آهي. توهان ته 4 پيرا پيٽ ڀري ڪري کائيندا آهيو، توهان ڪيئن فقير ٿي ويا؟ توهان ڪڏهن ”ف“ جو به حق ادا ناهي ڪيو، روزو توهان

ڪان هڪ نٿو رکيو وڃي، توهان فقير ۽ صوفي ڪڏهن ڪان ٻڌجي ويا؟ ۽ فقير پنهنجي وات سان پاڻ کي فقير ناهي چوندو، اهي تہ ماڻهو سندس فعلن ۽ ڪردار جي ڪري کيس فقير چوندا آهن. فاقو شايد توهان جي خاندان ۾ ڪڏهن ڪنهن نہ ڪيو هوندو ۽ توهان فقير ٻڌجي وينا. پوءِ ”ق“ مان مراد قناعت آهي، يعني جيترو ملي وڃي ان تي صبر ڪرڻ. مثال طور: ڪنهن کان پڇيو وڃي تہ توهان جي پگهار ڪيتري آهي؟ تہ جواب ملندو آهي جي 1500 آهي، پوري نٿي ٿئي، دعا ڪريو 2000 ٿي وڃي، 2000 ملي ويندا تہ چوندا: 2500 ملي وڃن. منهنجا آقا شيخ سعدي رَحمَۃُاللہِ عَلَيْه تمام پياري ڳالهہ فرمائي ويا آهن: ”تونگري بہ دل است نہ بہ مال“ يعني مالداري دل سان هوندي آهي مال سان نہ. مالدار تہ نمرود، فرعون، قارون ۽ ابوجهل بہ هو. امام محمد غزالي رَحمَۃُاللہِ عَلَيْه بزرگن جو قول نقل ڪن ٿا: دولت، پيسو، درهم و دينار نانگ ۽ وڇون آهن، ان کي اهو ئي هٿ لائي جيڪو نانگ ۽ وڇون کان بچڻ جو هنر ڄاڻندو هجي. ڪنهن عرض ڪيو: ان جو هنر ڪهڙو آهي؟ تہ فرمايائون: ان جو هنر هي آهي تہ حلال طريقي سان حاصل ڪري ۽ موقعي ۽ محل تي ان کي خرچ ڪري. (مکاشفۃ القلوب، ص 143 ماخوذاً)

پهريان جا ماڻهو حلال طريقي سان مال حاصل ڪندا هئا، هاڻي ڪير ائين ڪري ٿو اهو اسين نٿا ڄاڻون. اڄ ڪيترائي مالدار اهي آهن جيڪي چوريون ڪندا هوندا، رشوت ۽ وياج جي ڏي وٺ ۽ خبر ناهي ڇا ڇا ڪندا هوندا. اللّٰه پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّن صلَّی اللہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

توهان جي هيءَ خواهش هوندي تہ راتو رات 5 لک جو انعامي بانڊ لڳي وڃي يا ان چڪر ۾ هوندا تہ راتو رات امير بڻجي وڃون. بهرحال ان جوهنر  ڪير نٿو ڄاڻي ان ڪري جيترو نانگ وچون جو ذخيرو يعني مال و دولت گهٽ هجي اوترو چڱو آهي. ائين ئي اڳتي حضرت شيخ سعدي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡہ فرمايو: **بزرگي بہ عقل است نہ بہ سال**، يعني بزرگي عقل سان ٿيندي آهي نہ ڪي عمر سان. يعني ائين ناهي تہ جيڪو عمر رسيده آهي اهو ئي بزرگ آهي. اڇا وار ٿي ويا، چيلهہ جهڪي وئي ۽ ڳاريون بہ ڏئي رهيا آهن تڏهن بہ بزرگ آهن؟ ائين ناهي.  هن زماني ۾ شڪرگذار ٻانهو تلاش ڪرڻ تمام ڏکيو آهي، جيئن تہ الله پاڪ قرآن پاڪ ۾ غازين جي گهوڙن جي قسم کڻڻ کان پوءِ انسان جي ناشڪري ڪي بيان فرمايو آهي، جيئن تہ ارشاد ٿئي ٿو:

وَ الْعٰدِیٰتِ ضَبْحًا ۙ﴿۱﴾ فَالْمُوْرِیٰتِ قَدْحًا ۙ﴿۲﴾ فَالْمُغِیْرٰتِ صُبْحًا ۙ﴿۳﴾ فَاَثَرْنَ بِهٖ نَقْعًا ۙ﴿۴﴾
فَوَسَطْنَ بِهٖ جَمْعًا ۙ﴿۵﴾ اِنَّ الْاِنْسَانَ لِرَبِّهٖ لَكَنُوْدٌ ۚ﴿۶﴾ وَ اِنَّهٗ عَلٰى ذٰلِكَ لَشَهِیْدٌ ۚ﴿۷﴾
وَ اِنَّهٗ لِحُبِّ الْخَیْرِ لَشَدِیْدٌ ؕ﴿۸﴾

ترجموڪنزُالعرفان: انهن گهوڙن جو قسم جيڪي سهڪندي ڊوڙن ٿا پوءِ سنب هڻي پٿرن مان چڻگون ڪڍڻ وارن جو پوءِ صبح جي وقت تباهي ڪرڻ وارن جو پوءِ ان وقت ڌوڙ اڏائن ٿا پوءِ انهيءَ وقت دشمنن جي لشڪر ۾ گِهڙي وڃن ٿا بيشڪ انسان ضرور پنهنجي رب جو وڏو ناشڪرو آهي ۽ بيشڪ اهو پاڻ ان ڳالهہ تي ضرور گواهہ آهي ۽ بيشڪ اهو مال جي محبت ۾ ضرور تمام سخت آهي. (سيپارو: 30، العٰديٰت:
1 کان 8)

## پنهنجي ناشڪري هجڻ تي پاڻ گواهه

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جتي انسان جي ناشڪريءَ ڪي بيان فرمايو آهي اتي اهو به بيان فرمايو آهي ته انسان پنهنجي ناشڪري تي پاڻ گواهه آهي. ان طرح ته انسان پنهنجي فعلن ۽ ڪردار جي ذريعي پنهنجي ناشڪري تي پاڻ گواهه آهي. ڏسو! اسين زبان سان ته چوندا آهيون ته الله پاڪ جو شڪر آهي، پر پريشانين جي ڪري اندر جي ٻاهه به ڪڍي ڇڏيندا آهيون، اهڙو ئي اسان جو شڪر آهي. جيڪڏهن اسين شڪرگذار ٻانها هجون ها ته اسان ڪي مال حاصل ڪرڻ لاءِ ايتري ڊوڙ ڊڪ ۽ ماراماري نه ڪرڻي پوي ها جيتري اسان ڪندا آهيون. اسان صحيح معنيٰ ۾ نه الله پاڪ جو شڪر ادا ڪندا آهيون ۽ نه صبر ڪندا آهيون.

## مال جي محبت ۾ سخت

افسوس! انسان ناشڪرو هجڻ سان گڏ مال جي محبت ۾ تمام سخت به آهي، جيئن ته الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَاِنَّهٗ لِحُبِّ الْخَيْرِ لَشَدِيْدٌ ۝۸

ترجموڪنزُالعرفان: ۽ بيشڪ اهو مال جي محبت ۾ ضرور تمام سخت آهي. (سيپارو: 30، العٰديٰت: 8)

هن آيت مبارڪ جي تفسير ۾ مفسرن بيان فرمايو آهي ته انسان عبادت جي معاملي ۾ ڪمزور پر مال جي محبت ۾ مضبوط آهي.

(تفسير ڪبير ،پ 30، العٰديٰت،تحت الآ ية:8، 262/11)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هي حقيقت آهي ته انسان نيڪين جي معاملي ۾ سُست ۽ دولت جي معاملي ۾ چست آهي. ان ڪي ائين سمجهو ته جيڪڏهن ڪنهن کي چيو وڃي ته هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهڻ سان ڏهه رحمتون نازل ٿينديون آهن، ڏهه گناهه معاف ٿيندا آهن، ڏهه درجا بلند ٿيندا آهن، ۽ ڏهه غلام آزاد ڪرڻ جو ثواب ملندو، تنهنڪري هڪ هزار ڀيرا درود پاڪ پڙهي وٺو، وڏي فضيلت حاصل ٿيندي. شايد هو نه پڙهندو. جيڪڏهن هي ڳالهه اخبار ۾ ڇپائي وڃي ته جيڪو نئين چنڊ شبِ جمعه تي گهر جي ڪنهن ڪنڊ ۾ باوضو گوڏن ڀر ويهي مٿو جهڪائي هڪ هزار ڀيرا درود شريف پڙهندو، ايندڙ پرائز بانڊ جي قرعه اندازي ۾ ان جو پنج لک جو انعام نڪرندو، ته هاڻي ويني ويني ڪنهن جي ڪرنگهي جي هڏي اڪڙجي وڃي يا ڪو شوگر، دل يا سهڪي جو مريض هجي، لازمي پڙهندو، چاهي ڪيس ايمبولينس ۾ وڃي اسپتال ئي ڇو نه ڪٽي وڃڻو پوي ڇو ته پئسن جو معاملو آهي.

اهڙي طرح ڪيترائي ماڻهو پنهنجي نوڪري جو گريڊ وڌائڻ لاءِ تعويذ وٺندا آهن ۽ ڊگها وظيفا ڪندا آهن پر صرف ثواب ڪمائڻ جي نيت سان هڪ هزار ڀيرا درود پاڪ پڙهڻ کان ڪيٻائيندا آهن.

ياد رکو! ڪجهه ماڻهن جي موت جو سبب انهن جو مال هوندو آهي. اڄ ڪلهه اخبارن ۾ اهڙيون خبرون ڇپجنديون رهنديون آهن ته: پرائز بانڊ وڪڻڻ وارن کي ڌاڙيلن گولي هڻي پرائز بانڊ ڦري ورتا، فلاڻي بئنڪ جي عملي کي ڌاڙيلن فائرنگ جو نشانو بڻايو ۽ رقم

لُٽي ڪٽي ويا وغيره وغيره. جڏهن ته غريب انسان ڏاڙيلن جي گولين جو نشانو تمام گهٽ بڻجندا آهن.

## حصولِ مال لاءِ دين داءُ تي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! تڏي دل سان سوچيو! جنهن مال جي حاصلات لاءِ انسان پنهنجي دين تائين کي داءُ تي لڳائيندو آهي، ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، رشوت وٺندو آهي ايستائين جو وياج جو به لحاظ ناهي ڪندو، افسوس! هڪ ڏينهن ان مال کي ڇڏي دنيا مان رخصت ٿي ويندو آهي، توهان ڪيترو جيئندا؟ سٺ سال، ستر سال، اسي، نوي، سئو سال يا وڌ ۾ وڌ سوا سئو سال تائين ئي جيئندا، پوءِ عمر جي آخري حصي ۾ انڌا، ٻوڙا ۽ ڪمزور ٿي ويندا، بستري تي پيل هوندا. گذريل ڏينهن اخبار ۾ آيو هو ته هڪ سو ٻٽيهه (132) سال جي پوڙهيءَ جو انتقال ٿي ويو، شايد سڀ کان عمر رسيده اها ئي هئي دنيا ۾. معذرت سان ايترو توهان نه جيئندا. 132 سال جيئڻ واري اصل مال ڪاڏو هوندو، توهان کي ته هينئر کان ئي جواني ۾ چشمو پاتل آهي.

اڄ اسان تمام گهڻي ترقي ڪري ورتي آهي، اسڪرين ڏسڻ جي ڪري اسان جي نظر تي تمام گهڻو اثر پوندو آهي، ائين ئي جڏهن گاڏين جا هارون وڄندا آهن ته انهن جو آواز ڪنن سان ٽڪرائيندو آهي جنهن جي ڪري ٻڌڻ جي قوت آهستي آهستي ڪمزور ٿيندي ويندي آهي ڇو ته ڪن لاءِ آواز ٻڌڻ جي هڪ حد آهي، ان+ ڪان وڌيڪ تيز آواز ڪن جي پردي سان ٽڪرائبو رهندو ته اهي خراب ٿي ويندا. ائين ئي هر گهر ۾ گانا وڄندا آهن ۽ هي ٻڌڻ به گناهه آهي ۽ گناهه جو

اثر صحت تي بہ پوندو آهي. بدنگاهي ۾ هيڏانهن هوڏانهن جهاتي پائڻ سان نظر ڪمزور ٿيندي آهي ۾ گانا باجا ٻڌڻ سان ٻڌڻ جي قوت تي اثر پوندو آهي. (حلية الاولياء، 385/7 ماخوذاً)

ياد رهي! جتي دنيا ۾ بدنگاهي سان نظر ڪمزور ٿيندي آهي اتي مرڻ کان پوءِ ان جرم جي ڪري اکين ۾ ڪوڪا ٺوڪيا ويندا. ( معجم ڪبير ، 156/8،حديث : 7666ملتقطاً) هڪ روايت ۾ هي بہ آهي تہ جيڪو شخص پنهنجي اک کي حرام سان ڀريندو آهي الله پاڪ قيامت جي ڏينهن ان جي اک ۾ جهنم جي باهہ ڀريندو. (مکا شفة القلوب،ص10) ائين ئي جيڪي ماڻهو گانا باجا ٻڌندا آهن انهن جي ڪنن ۾ ڪوڪا ٺوڪيا ويندا (معجم ڪبير، 156/8، حديث : 7666ملتقطاً ) ٿورو غور ڪريو! اڄ جيڪڏهن ڪن ۾ تيلي لڳي وڃي تہ برداشت ناهي ٿيندو، قيامت جي ڏينهن جيڪڏهن ڪنن ۾ ڪوڪا ٺوڪيا ويا تہ ڪيئن برداشت ڪري سگهنداسين؟

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! توهان سورتُ العٰديٰت جي ڪجهہ آيتن جي مُتعلق تفصيل ٻڌي، وڌيڪ آيتون ملاحظ ڪريو، جيئن تہ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

اَفَلَا يَعۡلَمُ اِذَا بُعۡثِرَ مَا فِي الۡقُبُوۡرِ ۙ﴿۹﴾ وَ حُصِّلَ مَا فِي الصُّدُوۡرِ ۙ﴿۱۰﴾
اِنَّ رَبَّهُمۡ بِهِمۡ يَوۡمَئِذٍ لَّخَبِيۡرٌ ﴿۱۱﴾

ترجمو ڪنزُ العرفان: پوءِ ڇا اهو نہ ٿو ڄاڻي تہ جڏهن اهي اٿاريا ويندا جيڪي قبرن ۾ آهن؟ ۽ جيڪا سينن ۾ آهي اها کولي ويندي بيشڪ انهن جو رب ان ڏينهن انهن جي يقيناً خوب خبر رکڻ وارو آهي. (سيپارو: 30، العٰديٰت: 9 کان 11)

اي عاشقانِ رسول! پنهنجي روزاني جي عملن ۾ بهتري آڻڻ لاءِ پنهنجي زندگي جو حساب لڳايو، مثال طور: اسان دنيا ۾ وڌ ۾ وڌ سٺ سال گذاريندا سين. هاڻي هي ڏسي وٺو تہ عام طور تي آرام جو وقت روزانو اٺ ڪلاڪ آهي، جيڪڏهن روزانو اٺ ڪلاڪ سمهڻ جو حساب لڳايو وڃي تہ سٺ سالن مان ويهہ سال تہ سمهڻ ۾ گذري ويندا ۽ باقي چاليهہ سال ٻين ڪمن لاءِ رهجي ويندا. هاڻي غور ڪريو تہ انهن چاليهہ سالن ۾ اسان ڇا ڇا ڪنداسين؟ پوءِ ان حوالي سان بہ سوچيو تہ اسان کي قبر ۾ ڪيترو عرصو رهڻو آهي؟ ان جو بہ حساب لڳائي وٺو. ائين ئي انهن ماڻهن بابت سوچيو جيڪي هزارين سالن کان قبرن ۾ آهن ۽ انهن مان ڪو بہ واپس دنيا ۾ ناهي آيو. هاڻي پنهنجو هي ذهن بڻايو تہ هڪ ڏينهن اسان کي بہ موت ايندو ۽ اسان بہ ڪيتري ڊگهي عرصي تائين قبر ۾ رهنداسين ڪا خبر ناهي. وري اسان کي بہ اهو ئي ڪفن ڏنو ويندو جيڪو فٽ پاٿ تي پيل لاوارث ميت کي ڏنو ويندو آهي. جيڪو مال اسان ڪمايو ۽ جنهن کي حاصل ڪرڻ ۾ اسان تمام گهڻي ڊوڙ ڊڪ ڪئي اهو اسان جي اولاد لاءِ رهجي ويندو ۽ اسان جي ڪنهن ڪم نہ ايندو.

## انسان جا ٽي مال

اي عاشقانِ رسول! اسان جو مال اهو ئي آهي جنهن کي اسان کائي ورتو، پائي ورتو يا وري الله پاڪ جي راهہ ۾ خرچ ڪري ڇڏيو جيئن تہ حديث پاڪ ۾ آهي: انسان چوندو آهي تہ منهنجو مال، منهنجو مال، ان جا تہ ٽي مال آهن، پهريون مال ان کائي هضم ڪري ڇڏيو، ٻيو مال ان پائي پراڻو ڪري ڇڏيو، ٽيون مال الله جي راهہ ۾ ڏئي اڳتي

روانو ڪري ڇڏيو. (مسلم ، ص1210،حديث:7422) هي ٿي طرح جا مال انسان جا پنهنجا آهن باقي مال ان جي وارثن جو آهي جيڪي ان جي مال مان عياشي ڪندا.

اي ڪاش! اسان پنهنجي اولاد کي قرآن پاڪ پڙهائي ۽ دين جو مبلغ ۽ نمازي بڻائي هن دنيا مان ويا هجون ها ته جيئن اسان جي اولاد اسان لاءِ دعا ڪري ۽ ايصالِ ثواب جو بندوبست ڪري. ياد رکو! جيڪو نيڪ اولاد ڇڏي دنيا مان رخصت ٿيندو آهي! ان جو اولاد ان لاءِ ثوابِ جاريه جو سبب بڻجي ويندو آهي پر اڄڪلهه نيڪ اولاد ڇڏي ڪير وڃي ٿو؟ ۽ پنهنجي اولاد کي نيڪ بڻائڻ لاءِ ڪوشش ڪير ڪري ٿو؟

اڄ صاحبِ اولاد ٿيڻ جي دعا ته سڀ گهرندا آهن ۽ ان لاءِ تعويذ به وٺندا آهن پر نيڪ اولاد جي دعا ڪو به ناهي گهرندو. جنهن طرح ماڻهو صرف بيروزگاري ختم ٿيڻ ۽ روزگار ملڻ جي دعا ته گهرندا آهن پر حلال روزي جي دعا ڪو ڪو گهرندو آهي. شيطان زبان تي ڪهڙو لغام لڳائي ڇڏيو آهي، دماغ تي تالا پئجي ويا آهن، هي ڪنهن جي سوچ ناهي ته حلال روزي گهرون. ياد رکو! جڏهن به روزي گهرو ته حلال روزي گهرو ۽ جڏهن به اولاد گهرو ته نيڪ اولاد گهرو. بدقسمتي سان اڄڪلهه اولاد جي نيڪ ٿيڻ جي فڪر تمام گهٽ ماڻهن کي هوندي آهي، عام طور تي ماءُ پيءُ جي اها ئي سوچ هوندي آهي ته اهڙو اولاد هجي جيڪو دنياوي مال و دولت ڪمائي ڏئي ۽ جديد زماني جي حساب سان هلي. جيڪڏهن اولاد پاڻ نيڪ بڻجڻ جي

ڪوشش ڪري ته (جڻ) قيامت قائم ٿي ويندي آهي، والدين کي ڳڻتي ٿيندي آهي ته ڪٿي مولوي نه بڻجي وڃي ۽ پوءِ اسان کان اهڙا مطالبا نه شروع ڪري ڏي ته پنج ئي نمازون پڙهندا ڪريو ۽ نمازِ فجر جي ادائيگي لاءِ اٿندا ڪريو وغيره وغيره.

اسان چئون ٿا پنهنجي ٻار کي دعوتِ اسلامي جي اجتماع ۾ موڪليو اسان ان کي نيڪ بڻائيندا سين، پر ماڻهو چوندا آهن نه جناب! اسان پنهنجي ٻار کي مولوي نه بڻائيندا سين. انهن کان پڇيو وڃي ته توهان ڪلمو ڪهڙو پڙهندا آهيو؟ ته چوندا: لا اله الا الله محمد رسولُ الله، انهن کي چيو وڃي توهان ۽ اسان جنهن جو ڪلمو پڙهون ٿا اسان دعوتِ اسلامي وارا توهان جي اولاد کي ان جون ئي سنتون سيکاريندا سين. پر ماڻهن کي خبر آهي ته پوءِ هي اسان جي اولاد کي چوندا ته پنج ئي وقت نماز پڙهو، فجر ۾ به اُٿو. جڏهن ته اسان جو ٻار صبح کان رات تائين ڪم ۾ هوندو آهي پوءِ صبح جو سوير اٿندو ته ننڊ پوري نه ٿيندي، بيمار ٿي پوندو وغيره وغيره. نه! نه! اسان ته پنهنجو ٻار نه ڏينداسين ۽ اسان ان کي فجر ۾ اٿڻ نه ڏينداسين. اسان جي معاشري ۾ ڪجهه اهڙا ماڻهو به موجود آهن جيڪي پنهنجي اولاد کي دين تي عمل ڪرڻ کان روڪيندا آهن ۽ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنت ڏاڙهي شريف نه رکڻ ڏيندا آهن ۽ ڏاڙهي رکڻ تي طرح طرح جون تڪليفون پهچائيندا آهن. افسوس! اڄ سنت تي هلڻ وارو مظلوم بڻجي ويو آهي!

اسلام تیرے چاہنے والے نہ رہے

جن کا تو چاند تھا افسوس وہ ہالے نہ رہے

قيامت جي ڏينهن الله پاڪ حڪم ڏيندو تہ جنتين ۽ جهنمين کي الڳ الڳ ڪيو وڃي تہ عرض ڪيو ويندو اي الله! ڪيترن کي ڪيترن مان الڳ ڪيو وڃي؟ الله پاڪ فرمائيندو: هڪ هزار مان نو سو نوانوي جهنمين کي ڪڍي ڇڏيو. (ترمذی ، 5/ 113،114، حديث :3179ملخصاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جو مسلمان دين کان ڪيترو بيزار (منهن موڙيندڙ) ٿي ويو آهي، ۽ ڪيتري قدر دين کان پري ڀڄندو پيو وڃي. ٻانهو نماز ناهي پڙهندو، ڏاڙهي ناهي رکندو، ڪوڙ ڳالهائيندو آهي، رشوت وٺندو آهي، سڀ ڪجهہ ڪندو آهي تڏهن بہ خوش فهمي ۾ آهي ۽ پاڻ کي سٺو سمجهندو آهي. افسوس! اڄ والدين پنهنجي اولاد کي فلمن ڊرامن ۽ ٻين گناهن ۾ مبتلا ڏسندا آهن پر انهن کي ٽوڪيندا ناهن، اهڙن کي ڊڄڻ گهرجي تہ پنهنجي اولاد کي برائي کان نہ روڪڻ جي ڪري جيڪڏهن الله پاڪ ناراض ٿي ويو تہ ان جي پڪڙ تمام سخت آهي، ان حوالي سان هڪ عبرتناڪ واقعو پيشِ خدمت آهي:

## پٽ کي نرمي سان سمجهائڻ تي پڪڙ

بني اسرائيل جو هڪ عالم وعظ فرمائي رهيو هو، ان جو پٽ بہ ان محفل ۾ موجود هو، ان هڪ ڇوڪريءَ کي گهوري ڏٺو تہ ان عالم چيو: ”اي پٽ صبر ڪر.“ ايترو چوڻ هو تہ اهو عالم اوچتو منبر تان ڪريو ۽ ان جون هڏيون ڪجهہ جڳهن تان ٽٽي پيون ۽ غيب مان آواز

آيو تہ پنهنجي پُٽ جي گناھ تي ڇا ايتري تنبيھ ڪافي هئي؟ تو ان کي سختي سان ڇو نہ روڪيو؟ ياد رک! تنهنجي نسل مان قيامت تائين ڪو صديق پيدا نہ ٿيندو. (حلية الاولياء، 422/2 حديث : 2823 ملتقطاً)( احياء العلوم،383/2) افسوس! اڄ اولاد کي گڏ ويهاري گناھ ڪيو ويندو آهي، پيءُ پنهنجي جوان اولاد کي پاڻ سان گڏ ويهاري فلم ڏيکاريندو آهي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! ٿورو غور ڪريو! اهو ڇوڪرو جنهن صرف هڪ ڇوڪريءَ کي گهوري ڏٺو، توڙي جو پيءُ ان کي منع بہ ڪيو پر جهڙو منع ڪرڻ گهرجي ها اهڙو منع نہ ڪيو تہ ان تي هي عذاب نازل ٿيو تہ قيامت تائين ان جي نسل مان ڪو صديق پيدا نہ ٿيندو. ٿورو سوچيو! ان پيءُ جو ڪهڙو حشر ٿيندو جيڪو پنهنجي ٻارن کي فلمون ڊراما ڏيکاري ٿو؟ الله پاڪ اسان کي پنهنجي قهر و غضب کان بچائي.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اڃا بہ وقت آهي، اڃا موت ناهي آيو، گناهن کان سچي توبھ ڪري وٺو ۽ تصور ئي تصور ۾ پنهنجي آخرت جي باري ۾ هن طرح غور ڪريو تہ مثال طور: منهنجي عمر 36، 37 سال ٿي چڪي آهي، يعني هڪ ٽيون حصو زندگي گذري چڪي آهي، منهنجي مٿان موت ڦري رهيو آهي، عنقريب ئي مونکي بہ ڪفن پارايو ويندو، ڪلهن تي کڻي قبرستان لاٿو ويندو، اونداهي قبر ۾ دفنايو ويندو ۽ خبر ناهي تہ پوءِ ڪو قبر ڏسڻ بہ ايندو يا نہ؟ جيڪڏهن زندگي ۾ ڪا تڪليف پهچي تہ گهڻا ماڻهو مروت ۾ گڏ ٿي ويندا آهن. ائين ئي ممڪن آهي جنازي ۾ بہ شريڪ ٿي وڃن پر ٿوري عرصي بعد سڀ وساري ڇڏيندا آهن.

عمر بھر کون کسے یاد کرتا ہے

وقت کے ساتھ خیالات بدل جاتے ہیں

افسوس! ان کان پوءِ قبر ۾ سوين يا هزارين سال رهڻو پوندو ۽ قيامت جو هڪ ڏينهن پنجاهه هزار سالن جو هوندو. (تفسير در منثور،پ29، المعارج، تحت الآية:4، 279/8) ياد رکو! قبر جي تياري هن دنيا ۾ رهندي ڪرڻي آهي، تنهنڪري قرآن پاڪ جي هن آيت مبارڪ کي مشعلِ راهه بڻائي وٺو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت ٻئي سنورجي ويندیون، جيئن ته ارشادِ باري تعاليٰ آهي:

اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقٰىكُمْ ؕ


ترجموڪنزُالعرفان: بيشڪ اللّٰه وٽ توهان مان وڌيڪ عزت وارو اهو آهي جيڪو توهان مان وڌيڪ پرهيزگار آهي. بيشڪ اللّٰه ڄاڻڻ وارو خبردار آهي. (سيپارو: 26، الحجرات: 13)

اي اللّٰه پاڪ! اسان تي ڪرم فرماءِ ته اسان جي گناهن جون عادتون نڪري وڃن ۽ اسين تنهنجا شڪرگذار ٻانها بڻجي وڃون.

اٰمِيْنْ بِجَاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضانِ مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی

UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278

www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net

feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net